(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينه

(دعوتِ اسلامي)

جون 2026ء/محرم الحرام 1448ھ

- مرحوم والدين سان حُسن سُلوڪ
- گورنرن جي تقرري ۾ فاروقِ اعظم جون ترجيحات
- جنگي حالتن جي غيبي خبر
- ڌيئرن ڪي صبر ۽ تحمل جي تربيت ڏيو
- ٻارن ڪي رحم دلي جي تربيت ڏيو



# دارُ الافتاء

مفتي فضيل رضا عطاري

## (1): قربانيءَ جي جانور جي هارَ يا رَسِيءَ جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ ڪِرام هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان جي قربانيءَ جي جانور جي ڳچيءَ ۾ هڪ معمولي رَسِي ۽ هڪ موتين جو هار هو جيڪي قرباني ڪرڻ وقت رت هاڻا ٿي ويا هئا، تنهنڪري اسان انهن کي ڦِٽي ڪري ڇڏيو. بعد ۾ ڪنهن توجهه ڏياري ته انهن کي صدقو ڪرڻو هوندو آهي، ته ڇا اُن رَسِي ۽ هارَ جي رقم اسان کي صدقو ڪرڻي پوندي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

قربانيءَ جا جانور شعائرالله مان آهن، انهن جي تعظيم ۽ تڪريم ڪرڻ جو حڪم آهي. تنهنڪري جڏهن جانور کي شعائرِ اسلام جي زينت جي نيت سان سينگاريو وڃي ۽ هيءَ نيت به هجي ته بعد ۾ غريب مسلمانن کي فائدو پهچائڻ لاءِ زينت جون شيون جهڙوڪ جُهلَ يا هار وغيره صدقو ڪندس، ته هاڻي پنهنجي هن نيت تي عمل ڪندي ڪيس صدقو ڪرڻ جو حڪم آهي، ڇوته الله پاڪ سان واعدو ڪري پوءِ ان تان ڦِري وڃڻ ڏاڍي خراب ڳالهه آهي.

پر عام طور اسان وٽِ انهن نيتن سان جانور کي هارَ وغيره نه پارايا ويندا آهن، تنهنڪري جانور کي هارَ وغيره پارائڻ وقت جيڪڏهن توهان جي به ڪا اهڙي نيت نه هئي ته اُهو هار يا ان جي قيمت صدقو ڪرڻ اوهان تي شرعاً لازم نه آهي. اهڙي طرح رَسِيءَ جي قيمت به صدقو ڪرڻ لازمي نه آهي ڇوته هي عام رسيون جن سان جانور کي ٻڌو ويندو آهي، ناڪيليءَ جي صورت ۾ جانور جي چهري ۽ ڳچيءَ جي چوڏاري هونديون آهن، جيڪي جانور جي تعظيم ۽ تڪريم لاءِ نه پر سندس حفاظت لاءِ هونديون آهن، اُن ڪري به انهن کي صدقي ڪرڻ جو حڪم نه آهي.

تنبيهه: جيڪڏهن اُهو هار يا رَسِي اِن لائق هو جو ان مان نفعو حاصل ڪري سگهجي ها يا ڪيس وڪڻي سگهجي ها ته هاڻي ان کي ڦِٽي ڪرڻ جائز نه هو ڇو جو اِهو مال جو ضايع ڪرڻ آهي جيڪو ناجائز آهي. تنهنڪري هن صورت ۾ اوهان تي توبهه ڪرڻ لازم آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللهُ علیه واٰلهٖ وسلَّم

## (2): شرعي فقير لاءِ عيب دار جانور جي قربانيءَ جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ ڪِرام هن

مسئلي جي متعلق تہ آئون صاحبِ نصاب نہ آهيان، مون عيد الاضحيٰ کان هڪ ڏينهن اڳ قرباني ڪرڻ لاءِ ٻڪرو خريد ڪيو هو، بعد ۾ مون کي معلوم ٿيو تہ هِن ٻڪري کي تہ بلڪل بہ ڪجھ نظر نہ اچي رهيو آهي، پر عيد تي مون اُن ئي ٻڪري جي قرباني ڪري ڇڏي آهي. هاڻي معلوم هي ڪرڻو آهي تہ ڇا اهڙي جانور جي قرباني ٿي وئي يا نہ؟

**نوٽ:** سائل قربانيءَ لاءِ جانور خريد ڪرڻ وقت بہ صاحبِ نصاب نہ هو ۽ قربانيءَ جي باسَ بہ نہ باسي هئائين.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

شرعي فقير تي قرباني لازم نہ هوندي آهي، پر جيڪڏهن هُو قربانيءَ جي نيت سان جانور خريد ڪري وٺي تہ سندس حق ۾ خاص اُهو ئي جانور قربانيءَ لاءِ متعين ٿي ويندو آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ اهڙو عيب هجي جيڪو قربانيءَ کان مانع هجي. تنهنڪري پڇا ڪيل صورت ۾ جيئن تہ اوهان صاحبِ نصاب نہ هئا پر اوهان قرباني ڪرڻ جي نيت سان ٻڪرو خريد ڪيو هو، توڙي جو ان کي بلڪل بہ نظر نہ اچي رهيو هو، تڏهن بہ ان جي قرباني ڪرڻ سان قرباني ادا ٿي وئي.

ياد رهي تہ هي حڪم صرف شرعي فقير لاءِ آهي. جيڪڏهن ڪو غني شخص اهڙو جانور خريد ڪري جنهن کي نظر نہ ايندو هجي تہ اهڙي صورت ۾ غنيءَ لاءِ ٻيو صحيح جانور قربان ڪرڻ واجب آهي، نابينا جانور ذبح ڪرڻ سان قرباني ادا نہ ٿيندي.

**اهڙي طرح!** جيڪڏهن شرعي فقير ٻهريان ئي غير معين جانور قربان ڪرڻ جي باسَ باسِي ۽ باسَ پوري ڪرڻ لاءِ هن اهڙو جانور خريد ڪيو جيڪو نابينا آهي تہ اهڙي جانور کي ذبح ڪرڻ سان سندس باسَ پوري نہ ٿيندي ڇوتہ نذرِ غير معين ۾ اهڙو جانور لازم هوندو آهي جيڪو قربانيءَ جي شرطن تي پورو لهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَمُ صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3) ڪَرنسي نوٽن جي بدلي ۾ نفعي سان اوڌر تي سِڪن جي ڏيتي ليتي ڪرڻ

**سوال:** عُلماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ نوٽ جي بدلي ۾ نوٽ نفعي سان خريد ۽ وڪرو ڪرڻ نقد صورت ۾ جائز آهي، اوڌر ۾ جائز نہ آهي. هاڻي پڇڻو اِهو آهي تہ جيڪڏهن سِڪا نوٽن جي بدلي ۾ اوڌر تي وڪڻجن تہ ڇا اهڙي خريد و فروخت جائز آهي يا نہ؟ وِياج جي دائري ۾ تہ نہ ايندي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

خريد ۽ وِڪري ۾ وياج هئڻ يا نہ هئڻ جي حوالي سان شرعي قانون هي آهي تہ

جڏهن به شيون جنس ۽ قدر (يعني قسم ۽ مقدار) ۾ متفق هجن يعني هي ٻئي وصف (جنس ۽ قدر) موجود هجن ته انهن ۾ گهاٽِي واڌي ۽ اوڌر ڪرڻ ٻئي وياج ۽ حرام آهن ۽ جيڪڏهن ٻئي وصف موجود نه هجن ته گهاٽِي واڌِي ۽ اوڌر ڪرڻ ٻئي جائز آهن ۽ جڏهن هڪ وصف يعني صرف جنس يا صرف قدر موجود هجي ۽ ٻيو وصف نه هجي ته گهاٽِي واڌي ڪرڻ جائز هوندي آهي ۽ اوڌر ڪرڻ وياج ۽ حرام هوندو آهي.

هن شرعي قانون مطابق نوٽن ۽ سِڪن ۾ ٻئي وصف موجود نه آهن ڇوته هڪ ته اُهي هم جنس نه آهن يعني نوٽ جو اصل ڪاغذ آهي جڏهن ته سِڪن جو اصل مختلف ڌاتو آهن، ٻيو ته اسان جي عام عرف ۾ نوٽن ۽ سِڪن کي عددي يعني ڳڻي ڏيڻ واري شيءِ هجڻ جي ڪري انهن ۾ ٻيو وصف قدر (وزن يا ماپ) به موجود نه آهي. تنهنڪري نوٽن جي بدلي ۾ سِڪن جي خريد و فروخت جهڙي طرح نقد يعني ٻنهي پاسن کان ان ئي مجلس ۾ قبضو ٿي وڃي جائز آهي، اهڙي طرح اوڌر تي يعني هڪ پاسي کان قبضو ٿي وڃي ۽ ٻئي پاسي کان نه ٿيو هجي تڏهن به جائز آهي، پر جيڪڏهن ٻنهي پاسي کان قبضو نه ٿئي ته ناجائز آهي ڇوته اِها بيع الڪالي بالڪالي يعني اوڌر جي اوڌر سان وِڪري جي صورت آهي ۽ حديث ۽ فقه جي مطابق اوڌر جو اوڌر سان وڪرو ناجائز ۽ حرام آهي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَمُ صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (4): رُڪوع مان سَهواً الله اڪبر چوندي اُٿڻ ڪيئن آهي؟

سوال: عُلماءِ دين ۽ مفتيان شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ ڇا ٿا فرمائن ته امام صاحب نماز ۾ ڀُلَ ۾ سمع الله لمن حمده جي جاءِ تي الله اڪبر چيو ۽ سجدهءِ سَهوِ به نه ڪيائين ته اهڙي صورت ۾ نماز ٿي وئي يا نه؟

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شرعي قانون مطابق سجدهءِ سَهوِ ڀُلَ ۾ نماز جو ڪو واجب ڇڏجي وڃڻ جي ڪري واجب ٿيندو آهي، سنتن ۽ مستحبات جي ڇڏجي وڃڻ سان واجب نه ٿيندو آهي، پر انهن کي ڄاڻي واڻي يا ڀُلَ ۾ ڇڏي ڏيڻ سان نماز جو اعادو ڪرڻ (يعني ٻيهر پڙهڻ) مستحب آهي. رُڪوع مان اٿڻ وقت امام جي لاءِ سمع الله لمن حمده چوڻ سنت آهي، واجب نه آهي. تنهنڪري پڇا ڪيل صورت ۾ نماز ٿي وئي، سجدهءِ سَهوِ واجب نه ٿيو هو، پر اهڙي نماز کي ٻيهر پڙهڻ مستحب آهي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَمُ صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## حضرت امام حسين جي شهزادَن ۽ شهزادِيُن جو تعداد

سوال: امامِ عالي مقام حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ جا ڪيترائي شهزادا ۽ شهزاديون هيون؟

جواب: امام محب الدين طبري رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي ڪتاب "ذخائر العقبیٰ" ۾ فرمائن ٿا: امامِ عالي مقام حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ جا ڇهه شهزادا ۽ ٽي شهزاديون آهن. شهزادَن جا نالا هي آهن: (1): علي اڪبر (2): زين العابدين (3): علي اصغر (4): محمد (5): عبدالله (6): جعفر رضی اللہ عنہم. ۽ شهزادين جا نالا هي آهن: (1): زينب (2): سُڪَينه (3): فاطمه رضی اللہ عنہن. (ذخائر العقبیٰ، ص: 258)

ماڻهن ۾ "سَڪِينه" (سِين تي زبر ۽ ڪاف هيٺان زير سان) مشهور آهي، جڏهن ته درست تلفظ "سَڪِينه" نه پر "سُڪَينه" (سِين تي پيش ۽ ڪاف تي زبر) آهي. ڪربلا جي واقعي ۾ جن شهزادي پاڪ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، اُهي اِهي ئي حضرت سُڪَينه رضی اللہ عنہا آهن. جيڪڏهن اِنهن جي نسبت سان ڇوڪريءَ جو نالو رکڻو هجي ته "سُڪَينه" رکو. پر "سَڪِينه" نالو رکڻ ۾ به ڪو حرج نه آهي ڇو ته اِهو قرآن ڪريم جو هڪ لفظ آهي جنهن جي معنيٰ "چين، سڪون ۽ امن" آهي.

(مدنی مذاکرہ، 4محرم الحرام1441ھ)

## ٻن مرحومَن جون وَرسيون هڪ ئي وقت ڪرڻ ڪيئن آهي؟

سوال: جيڪڏهن ڪنهن جي گهر ۾ ٻن مهينن ۾ هڪٻئي جي پٺيان ٻه موت ٿي وڃن ته ڇا سندن ورسيون هڪ ئي وقت گڏ ڪري سگهجن ٿيون؟

جواب: ها! هڪ ئي وقت گڏ ورسيون ڪرڻ ۾ ڪو حرج نه آهي، ڇو ته وَرسي اصل ۾ ايصالِ ثواب آهي. جيڪڏهن ڪو وَرسي نه به ڪري ته گنهگار نه آهي، پر وَرسي کي ناجائز چوڻ وارو گنهگار ٿيندو، ڇاڪاڻ ته شريعت وَرسيءَ کان منع نه ڪئي آهي.

(مدنی مذاکرہ، 4محرم الحرام1441ھ)

## جيڪڏهن دنيا ۾ سڀئي ماڻهو ديانتدار هجن ها ته جنت دنيا ۾ ئي هجي ها چوڻ ڪيئن آهي؟

سوال: جيڪڏهن دنيا ۾ سڀ ديانتدار هجن ها ته جنت دنيا ۾ ئي هجي ها" ائين چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: ٿي سگهي ٿو ته ان جو مطلب هي هجي ته هر طرف امن هجي ها، ماڻهو ڦُرَ لُٽ نه ڪن ها، ڪنهن کي ڪو تڪليف نه ڏئي ها ۽ سڀ امن امان سان رهن ها، ائين

هجڻ ڇڻ تہ دنيا ۾ جنت هئڻ جهڙو آهي، جيئن ڪشمير کي وادِيءِ جنت چيو ويندو آهي. اهڙا جملا محاوري طور ڳالهايا ويندا آهن. (مدنی مذاکرہ، 7محرم الحرام شریف1441ھ)

## ٻِجُ پوکڻ وقت جيت مار دوا وجهڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ٻج پوکڻ وقت ڪيڙا مارڻ واري دوا وِڌي وڃي تہ ڇا ان سان گناهہ نہ ٿيندو؟

جواب: جيت مار دوائون ٻجن ۾ وِجهي سگهجن ٿيون، ان ۾ ڪو گناهہ نہ آهي. (ديکھئے: مدنی مذاکرہ، 6 ربیع الاول شریف1442ھ)

## والدين جو ٻارن جي هر معاملي ۾ مداخلت ڪرڻ ڪيئن آهي؟

سوال: والدين کي پنهنجي ٻارن جي زندگيءِ ۾ ڪيترو اختيار آهي؟ ڇا اُهي سندن هر معاملي ۾ مداخلت ڪري سگهن ٿا؟

جواب: ماءُ پيءُ جا ڪجهہ احڪام اُهي آهن جن کي مڃڻ فرض آهي، جڏهن تہ ڪن ۾ تخفيف (يعني رعايت) هوندي آهي. جن احڪامن کي مڃڻ فرض آهي، جيڪڏهن اُهي نہ مڃيندا تہ گنهگار ٿيندا ۽ جن ڳالهين کي مڃڻ فرض نہ آهي ۽ اُهي شريعت جي خلاف بہ نہ آهن تہ انهن کي بہ مڃيو ۽ سندن مداخلت تي پنهنجي دل وڏي رکو. جڏهن والدين وڏي عمر کي پهچي ويندا آهن تہ اڪثر ڪري سندن مداخلت وڌي ويندي آهي. اصل ۾ انهن پراڻو دور ڏٺو هوندو آهي جنهن ڪري کين لڳندو آهي تہ اولاد غلط ڪري رهي آهي، "اسان جي دور ۾ تہ ائين نہ ٿيندو هو"، تنهنڪري سندن سخت ڳالهين کي برداشت ڪرڻ گهرجي، جيئن انهن ننڍپڻ ۾ اسان کي برداشت ڪيو هو. (مدنی مذاکرہ، 13 ربیع الاول شریف 1442ھ)

## ڇا سنجيده شخص کان ماڻهو بور ٿي ويندا آهن؟

سوال: ڇا سنجيده رهڻ واري شخص کان ماڻهو بور ٿي ويندا آهن؟

جواب: هر سنجيده شخص بور نہ ڪندو آهي. جيڪو شخص سنجيده ۽ خاموش رهندو هجي پر مسڪرائيندو بہ هجي تہ ان جي سنجيدگي ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيندي آهي. مفتي محمد فاروق عطاري ۽ حاجي زم زم عطاريءَ جي طبيعت ۾ سنجيدگي هئي پر انهن وٽِ ويهڻ وارو بور نہ ٿيندو هو. مون کين ڪنهن سان مذاق ڪندي نہ ڏٺو هو. (مدنی مذاکرہ، 10 ربیع الاول شریف1442ھ)

## رشتو طئي ڪرڻ وقت ڇوڪرِيءَ وارن جو ڇوڪري وارن کان پيسا وٺڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڪجهہ علائقا اهڙا آهن جتي ڇوڪري وارا رشتو وٺڻ وڃن تہ ڇوڪرِيءَ وارا **5 لک**، **10 لک** روپيا گهرندا آهن ۽ ڇوڪرِيءَ کي ڏاج ۾ پنهنجي مرضيءَ جون شيون ڏيندا آهن. سوال هي آهي تہ ڇا

چوڪريءَ وارن جو پيسا وٺڻ جائز آهي؟

**جواب:** چوڪريءَ وارن جو چوڪري وارن کان اهڙي طرح پيسا وٺڻ جڻ تہ چوڪريءَ کي وڪرو ڪرڻ آهي. چوڪريءَ وارن جو اهڙي نموني پيسا وٺڻ، رشوت آهي. ساڳي طرح رخصتيءَ جي موقعي تي جيڪڏهن چوڪريءَ جو پيءُ چوي تہ ”هيترا پيسا ڏيندؤ تڏهن ئي چوڪريءَ کي رخصت ڪندس“ تہ اِها بہ رشوت آهي. ڪجھ قومن جي باري ۾ ٻڌو آهي تہ اُهي اِئين ڪندا آهن، الله پاڪ عافيت نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلی اللہ علیہ والہ وسلم

(ديکهئے: مدنی مذاکره، 9 ربيع الاول شريف1442ھ)

## گناهن جي ڪثرت جو سبب موت کي وِسارڻ آهي؟

**سوال:** ڇا گناهن ۾ اضافي جو سبب موت کي وِساري ڇڏڻ آهي؟

**جواب:** جڏهن انسان موت کي وِساري ويهندو آهي تہ ان جي اندر بيباڪي (يعني دليري) پيدا ٿي ويندي آهي. جڏهن ڪو شخص ڪنهن گناه جي ڪم کي انجام ڏيڻ لاءِ پنهنجا قدم اڳتي وڌائڻ لڳندو آهي تہ موت جي ياد کيس گناه ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندي آهي. پوءِ هُو سوچيندو آهي تہ ”مون کي بہ مرڻو آهي، جيڪڏهن هِن گناه جي سبب قبر ۾ مون کي نانگن وَڪوڙي ورتو يا باھ گهيري ورتو تہ مان ڇا ڪندس؟“ گناه کان بچي وڃڻ اِهو موت کي ياد ڪرڻ جي ئي برڪت آهي. موت کي وِساري ويهڻ تمام وڏي غفلت آهي ۽ اِها ئي غفلت گناهن ۾ اضافي جو سبب بڻجي ويندي آهي. (مدنی مذاکره، يکم ربيع الآخر شريف 1442ھ)

## جهاز ۾ ڪاڌي ڪائڻ لاءِ ڏنا ويندڙ ٿانوَ گهر کڻي اچڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** جيڪي ماڻهو هوائي جهاز ۾ سفر ڪندا آهن، انهن کي جهاز جو عملو کاڌو ڏيندو آهي پر ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ ٿانوَ واپس نہ ورتا ويندا آهن تہ ڇا هن صورت ۾ اُهي ٿانوَ مسافر پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو؟

**جواب:** جهاز ۾ مسافرن کي جن ٿانون ۾ کاڌو ڏنو ويندو آهي، اُهي عام طور تي ٻن قسمن جا هوندا آهن. يا تہ اُهي *Disposable* هوندا آهن يا اُنهن کي ڌوئي ٻيهر استعمال ڪري سگهجي ٿو. هر سمجهدار ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تہ ڪهڙو ٿانو رکڻ جو آهي ۽ ڪهڙو ڦٽي ڪرڻ جو آهي. جيڪو ٿانو ڦٽي ڪرڻ جو نہ آهي، اُهو کڻي وڃڻ گناه آهي.

(ديکهئے: مدنی مذاکره، 20ذوالقعدة الحرام 1441ھ)

# پنهنجن بزرگن کي ياد رکو

مولانا ابوماجد محمد شاهد عطاري مدني



محرم الحرام اسلامي سال جو پهريون مهينو آهي. هن ۾ جن صحابهءِ ڪرام، اولياءِ عُظام ۽ عُلَماءِ اسلام جو وصال يا عرس ٿيو آهي، انهن مان **116** جو مختصر ذڪر ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام **1439ھ** کان **1447ھ** تائين جي شمارن ۾ ٿي چڪو آهي. وڌيڪ **12** جو تعارف ملاحظہ فرمايو:

## صحابہءِ ڪِرام رضی اللہ عنھم:

**(1):** حضرت ابو صخر بُجَير بن بَجره طائي رضی اللہ عنہ مجاهد ۽ شاعر هئا. سن **9ھ** ۾ هِي حضرت خالد بن وليد رضی اللہ عنہ جي اُن لشڪر ۾ شامل هئا جيڪو دومة الجندل جي حڪمران اُڪَيدَر ڏانهن روانو ٿيو هو. اُن لشڪر کي ڪاميابي ملي، اڪيدر کي قيدي بڻائي مديني منوره آندو ويو. هِنن ان وقت اشعار پڙهيا جن کي ٻڌي نبي ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم سندن وات جي سلامتيءَ لاءِ دعا ڪئي. هِنن **90** سالن جي عمر ۾ جنگِ قادسيہ ۾ شهادت حاصل ڪئي. ان وقت بہ سندن سمورا ڏند سلامت هئا.[1]

**(2):** حضرت ابو عمر حارث بن مضرس بن عبد زراح انصاري رضی اللہ عنہ بيعت حُديبيہ (اصحاب شجره) ۾ شامل هئا. هنن بہ جنگِ قادسيہ ۾ شهادت حاصل ڪئي. هِي صاحبِ اولاد هئا.[2]

## عُلَماءِ اسلام رحمھم اللہ:

**(3):** امام الحديث شيخ ابو عامر قَبيصہ بن عقبہ ڪوفي رحمۃ اللہ علیہ جليل القدر آئِمہءِ دين مثلاً امام سفيان ثوري، امام شعبہ بن حجاج جا شاگرد ۽ ثقہ راوي هئا. هنن کان روايت ڪرڻ وارن ۾ امام ابوبڪر بن شيبہ ۽ امام محمد بن اسماعيل بخاري جهڙا محدثين شامل آهن. بخاري شريف ۾ ڪانئن روايت ٿيل **44** حديثون شامل آهن. سندن وصال محرم الحرام سن **215 ھ** ۾ ٿيو.[3]

**(4):** شيخ ابوالحسن محمد بن ابو البقاء مبارڪ شافعي بغدادي المعروف علامہ ابن الخل رحمۃ اللہ علیہ امام ۽ مفتي، شارح ڪتاب التنبيهہ ۽ شيخ الشافعيہ في البغداد هئا. سندن پيدائش **475 ھ** ۾ ٿي ۽ وصال محرم الحرام **552ھ** ۾ ٿيو.[4]

**(5):**شهاب الملت والدين شيخ ابوالعباس احمد بن ابوبڪر ڪتاني بوصيري شافعي رحمۃ اللہ علیہ جي پيدائش **762 ھ** ۾ بوصير، صوبو غربيہ، مصر ۾ ٿي ۽ **18** يا **27** محرم الحرام **840 ھ** تي قاهره، مصر ۾ وصال فرمايائون. پاڻ حافظ

۽ قاريءِ قرآن، علامہ ابن حجر عسقلاني جا شاگرد، ماهر علمِ حديث، بهترين ڪاتب، محلا حسينيہ قاهره جا امام، فاضل ۽ صالح، تلاوت ۽ عبادت ۾ اڪثر مشغول رهڻ وارا، تنهائي پسند ۽ حُسنِ اخلاق جا مالڪ هئا. سندن مشهور تصنيفن ۾ مصباح الزجاجه في زوائد ابن ماجه ۽ اتحاف الخيرة المهرة بزوائد المسانيد العشرة شامل آهن.[5]

**(6):** قطبِ وِيلُور حضرت مولانا سيد محي الدين قادري وِيلُوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش خاندانِ ساداتِ گيلانيہ ۾ **1207 ھ** ۾ ٿي ۽ مديني منوره ۾ **3** محرم الحرام **1289 ھ** تي وصال فرمايائون. پاڻ عالمِ دين، عارف بالله، شيخِ طريقت ۽ صاحبِ تصنيف هئا. وِيلُور *(Vellore)* شهر، رياست تامِل نادو *(Tamil Nadu)* هندستان جا مشهور عالمِ دين مولانا عبدالوهاب ويلوري قادري (باني جامعہ باقيات الصالحات ويلور) سندن ئي مريد آهن.[6]

**(7):** مفتي شيخ جمال الدين بنجري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش **1238 ھ** ۾ دلم پگار، ضلعو بنجر، صوبو ڏکڻ ڪليمتان انڊونيشيا جي هڪ علمي گهراڻي ۾ ٿي. پاڻ شيخ ارشد بنجري جا پوٽا، اسلامي علوم جا ماهر، انڊونيشيا ۽ مڪہ مڪرمہ جي علماء جا شاگرد، سپريم جج ۽ مفتي داتو سرگي هئا. سندن وصال **8** محرم الحرام **1348 ھ** تي ٿيو. سندن مزار محلا "سرگي مفتي" اتر بنجر ماسِن، انڊونيشيا ۾ آهي.[7]

## اولِياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰه:

**(8):** نوري شاهہ بابا حضرت غازي سيد نور علي شاهہ شهيد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪامل ولي ۽ صاحب تصرف بزرگ آهن. پاڻ مجاهدِ اسلام محمد بن قاسم جي لشڪر سان گڏ شام ڪان سنڌ ۾ آيا ۽ **5** محرم الحرام **93 ھ** تي شهادت ماڻيائون. سندن مزار تِين هَٽِي، جهانگير روڊ ڪراچي ۾ مرجع خلائق آهي.[8]

**(9):** مخدوم الملڪ حضرت خواجہ احمد نوري سهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش **870 ھ** ۾ خاندانِ غوث بهاءُ الدين زڪريا ملتاني ۾ ٿي ۽ **947 ھ** ۾ وصال فرمايائون. پاڻ مادر زاد ولي، ڪثير الفيض ۽ مشهور ولي آهن. سندن اولاد ۾ ڪيترائي اولياءِ ڪرام ٿيا، جن ۾ پير دا ڪارا ضلعو جهلم بہ شامل آهن. سندن خوبصورت روضو پيل شريف ضلعو خوشاب، پنجاب ۾ آهي جتي هر سال پهرين محرم الحرام تي عرس ٿيندو آهي.[9]

**(10):** قطب الاقطاب سيد علوي بن محمد مولي الدويلہ منفرمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش **1166 ھ** ۾ تريم، يمن ۾ ٿي ۽ **7** محرم الحرام **1260 ھ** تي وصال فرمايائون. سندن مزار علائقي منفرم، ترور نگاڙي ضلعو مالاپورم، رياست ڪيرلا، هندستان ۾ آهي. پاڻ عالمِ دين،

مبلغ اسلام، سلسلۂ باعلويہ جا شيخ طريقت، ڪامل ولي، جنگ آزاديءَ جا مجاهد ۽ مليبار جي ممتاز عُلماء ۽ مشائخ مان آهن. سلطنتِ عثمانيہ جي علائقي ظفار (موجوده عمان) جا گورنر شيخ فضل پاشا سندن فرزند آهن. (10)

**(11):** پير سيد ولايت شاهہ گيلاني گولڙوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش نوشهره، واديءِ سُون سڪيسر، ضلعي خوشاب، پنجاب ۾ ٿي ۽ **14** محرم الحرام **1357 ھ** تي وصال فرمايائون. سندن مزار محلي مهرال نوشهره ۾ آهي. پاڻ حافظِ قرآن، صاحبِ علم، مريد قبلۂ عالَم پير سيد مهر علي شاهہ، صاحبِ ڪرامت ۽ خاص و عام ۾ مقبول هئا. (11)

**(12):** خادم الملت حضرت پير سيد خادم حسين شاهہ علي پوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش امير ملت سيّد جماعت علي شاهہ محدث علي پوري جي گهر ۾ **1307 ھ** ۾ ٿي ۽ **21** محرم الحرام **1371 ھ** تي وصال فرمايائون. پاڻ حافظِ قرآن، تلميذِ محدث سُورَتي، فاضل جامع العلوم ڪانپور ۽ باني سالانہ جلسۂ ميلاد النبي ڪانپور آهن. سندن تدفين مزارِ امير ملت، علي پور سيدان، ضلعو نارووال، پنجاب ۾ ڪئي وئي. (12)

---

(1)الاصابہ،401/1، 402
(2)الاصابہ، 691/1
(3)تاريخِ اوسط للبخارى، 333/2،رقم:2791-تہذيب التہذيب، 478/6تا480
(4)سيراعلام النبلاء، 94/15، 95
(5)الضوء اللامع،251/1، 252- اتحاف الخيره، 9/1
(6)تذكرة الانساب،ص243، 244
(7)ويڪيپيڊيا مضمون: Jamaluddin Al-Banjari
(8)تذکره اوليائے سندھ،ص366
(9)خوشاب سرزمين اولياء، ص148تا 151
(10)منحۃ القوى بمدحۃ السيد علوى، ص8، 16، ويڪيپيڊيا، عربی مضمون: علوي المنفرمي
(11)تجليات مہر انور، ص987تا991
(12)تذکره خلفائے اميرملت، ص172تا176۔



# گورنرن جي تقرري ۾ فاروقِ اعظم جون ترجيحات

راشد علي

اسلامي تاريخ جي روشن بابن ۾ خلفاءِ راشدين جو دورِ حڪومت هڪ منفرد ۽ بي مثال مقام رکي ٿو. هن حڪومتي دور جو مقصد فقط سياسي اقتدار نہ، پر توحيد ۽ رسالت جو پرچار، عدل ۽ انصاف جو قيام ۽ اعليٰ اخلاق سان دنيا کي روشناس ڪرائڻ هو. خليفۂ رسول الله حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جي مبارڪ دور ۾ فتوحات جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو هو، اُهو امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جي خلافت جي دور ۾ بہ وڏي شان ۽ شوڪت سان جاري رهيو.

امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جي سڀ کان نمايان خصوصيت هيءَ هئي تہ انهن نہ صرف وسيع سلطنت قائم ڪئي، پر ان سلطنت کي منظم رکڻ لاءِ هڪ مربوط ۽ موثر انتظامي نظام بہ قائم ڪيو. فقهاءِ ڪرام ۽ مورخين هن نظام کي اسلامي تاريخ جو سڀ کان پهريون منظم انتظامي ڍانچو قرار ڏنو آهي.

پاڻ رضی اللہ عنہ هن نظام جي قيام ۽ بقا لاءِ سلطنت جي مختلف علائقن ۾ گورنر ۽ ذميدار مقرر ڪيا. ۽ انهن تقررين ۾ ذاتي رشتيداري يا قرابت کي معيار نہ بڻايو، پر اهليت، امانتداري ۽ فراست کي بنياد بڻايو. اِهو ئي سبب آهي جو سندن دور ۾ مقرر ڪيل گورنر پنهنجين ذميوارين ۾ مثالي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندا رهيا.

## منصب ڏيڻ لاءِ گهربل چار بنيادي خوبيون

حضرت سيدنا عبدالله بن عمران رحمۃ اللہ علیہ کان روايت آهي تہ امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ ارشاد فرمايو: ”هن منصبِ اقتدار جي لائق صرف اُهو ئي شخص آهي جنهن ۾ هِي چار خصلتون موجود هجن: **(1):** نرمي هجي پر اهڙي نرمي بہ نہ هجي جيڪا ڪمزوري تي مشتمل هجي **(2):** سختي هجي پر اهڙي نہ هجي جنهن ۾ شدت هجي **(3):** ڪفايت شعار هجي پر اهڙو نہ هجي جنهن ۾ بخل هجي **(4):** لحاظ ڪرڻ وارو هجي پر اهڙو نہ جو حدون اورانگهي وڃي.“ چو تہ هنن صفتن مان جيڪڏهن ڪا هڪ صفت بہ ختم ٿي ويندي تہ بقايا ٿي بہ خود بخود ختم ٿي وينديون.[(1)]

سندن هڪ ٻيو فرمان آهي تہ ”الله جي

امر يعني سلطنت جي معاملي کي صرف اُهو شخص ئي صحيح طريقي سان هلائي سگهي ٿو جيڪو نہ رياڪاري ڪرڻ وارو هجي، نہ ئي تساهل (يعني سُستي ۽ بي وجهہ نرمي) کان ڪم وٺڻ وارو هجي ۽ نہ ئي نفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ وارو هجي.“ (2)

هن فرمان ۾ ٽن اهڙين خامين جو ذڪر آهي جيڪي ڪنهن بہ منصب واري کي ناڪام بڻائي ڇڏينديون آهن:

**رِياڪاري:** جڏهن اهلِ منصب پنهنجا ڪم ڏيکاءَ لاءِ ڪرڻ لڳندا تہ حقيقي انصاف غائب ٿي ويندو آهي. رياڪار ظاهري طور عمل ڪندو آهي پر باطن ۾ خود غرض هوندو آهي، ان ڪري سندس عملن مان رعايا کي حقيقي فائدو نہ پهچندو آهي.

**تساهل ۽ سُستي:** ذميداريءَ کان غفلت ۽ اُمورِ مملڪت ۾ سُستي ڪرڻ هڪ وڏو گناهہ آهي. جڏهن اهلِ منصب ڪم جي بدران آرام کي ترجيح ڏئي تہ نظام درهم برهم ٿي ويندو آهي ۽ رعايا ظلم جي گهاٽي ۾ پيسجَندي رهندي آهي.

**نفساني خواهشن جي پيروي:** جڏهن اقتدار جو مقصد ذاتي خواهشون پوريون ڪرڻ بڻجي وڃي تہ منصب ظلم ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. سيدنا فاروق اعظم رضی اللہ عنہ پنهنجي سڄي زندگي نفس کي قابو ۾ رکي گذاري ۽ اِهوئي سندن ڪاميابيءَ جو راز هو.

## گورنرن جي تقرريءَ جا شرط

**طاقت ۽ قوت:** سيدنا فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جڏهن بہ ڪنهن کي ڪو عهدو ڏيندا هئا تہ هن ڳالهہ کي ضرور نظر ۾ رکندا هئا تہ اُهو طاقت ۽ قوت جي اعتبار کان بہ صلاحيت رکي ٿو يا نہ. جيڪڏهن ڪين ڪو اهڙو شخص ملي ويندو هو تہ ان کي ترجيح ڏيندا هئا.

اِن سلسلي ۾ هڪ تاريخي واقعو تمام گهڻو مشهور آهي. پاڻ رضی اللہ عنہ حضرت شرحبيل بن حسنہ رضی اللہ عنہ کي معزول ڪري حضرت سيدنا عبدالله بن قيس رضی اللہ عنہ کي ذميدار مقرر فرمايو. جڏهن حضرت شرحبيل بن حسنہ ڪانئن ان جو سبب پڇيو تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: اِنَّكَ لَكُمَا اَحَبُّ وَلٰكِنِّيْ اُرِيْدُ رَجُلاً اَقْوٰى مِنْ رَجُلٍ يعني ”بيشڪ مان توهان ٻنهي سان محبت ڪريان ٿو پر مان توهان کان وڌيڪ طاقتور شخص گهُران ٿو.“

پوءِ جڏهن شرحبيل بن حسنہ عوام اڳيان وضاحت جي لاءِ عرض ڪيو تہ پاڻ اعلان فرمايائون: اَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ وَاللهِ مَا عَزَلْتُ شُرَحْبِيْلَ عَنْ سُخْطَةٍ وَلٰكِنِّيْ اَرَدْتُّ رَجُلًا اَقْوٰى مِنْ رَجُلٍ ترجمو: (اي انسانو! الله جو قسم! مان شرحبيل کي ڪنهن ناراضگيءَ جي سبب

معزول نہ ڪيو آهي پر مان هنن کان وڌيڪ طاقتور شخص چاهيان ٿو.(3)

هن واقعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سيدنا فاروق اعظم رضي الله عنه وٽ تقرريءَ جو معيار ذاتي تعلق يا محبت نہ پر اهليت ۽ قوت هو. ان سان گڏوگڏ پاڻ معزول ٿيڻ واري جي عزتِ نفس جو بہ خيال رکيو ۽ عوام جي اڳيان وضاحت ڪئي تہ جيئن سندس وقار مجروح نہ ٿئي.

**امانتداري:** امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضي الله عنه ڪنهن بہ عهدي جي تقرريءَ ۾ امانتداري کي ترجيح ڏيندا هئا. سندن نظرن ۾ صرف اُهو ئي شخص عهدي ۽ ذميداريءَ جي لائق هو جيڪو امانتدار هجي. حضرت سيدنا حسن رحمة الله عليه کان مروي آهي تہ پاڻ فرمايائون: اَلرَّعِيَّةُ مُؤَدِّيَةٌ اِلَى الْاِمَامِ مَا اَدَّى الْاِمَامُ اِلَى اللهِ فَاِذَا رَتَعَ الْاِمَامُ رَتَعُوْا يعني رعايا پنهنجي امام (يعني حاڪم) سان ايستائين امانتداري ڪندي رهندي جيستائين هُو پاڻ الله سان امانتداري ڪندو رهندو. جڏهن هو الله سان امانتداري ڪرڻ ڇڏي ڏيندو تہ رعايا بہ ساڻس امانتداري ڪرڻ ڇڏي ڏيندي.(4)

اڄ جي دور ۾ بہ جيڪڏهن اسان ڏسنداسين تہ جن معاشرن ۾ اهلِ منصب ديانتدار هوندا آهن، اتان جا شهري بہ قانون جي پابندي ڪندا آهن ۽ جتي مٿان کان ڪرپشن ۽ بد ديانتي هوندي آهي، اتي معاشري ۾ بہ بدنظمي ۽ بي ايماني پکڙجي ويندي آهي.

پاڻ رضي الله عنه وڌيڪ فرمايو: ”مون کان منهنجي امانت ۽ عهدي جي باري ۾ پڇيو ويندو، مان پنهنجي امانت ڪي ڪنهن اهڙي شخص جي حوالي نہ ڪندس جيڪو ان جو اهل ئي نہ هجي ۽ نہ ئي مان ڪنهن نا اهل کي ڪو منصب ڏيندس. مان هي منصب صرف اُن کي ئي ڏيندس جيڪو امانت جي ادائيگي ۽ مسلمانن جي عزت ۽ توقير ۾ رغبت رکڻ وارو هجي.(5)

**تجربو ۽ بصيرت:** سيدنا فاروق اعظم رضي الله عنه عهدي لاءِ ٻين سمورين صفتن سان گڏوگڏ تجربيڪار ۽ صاحبِ بصيرت هئڻ کي بہ ترجيح ڏيندا هئا. بصيرت اُها صلاحيت آهي جنهن سان انسان حالتن جي گهَرائي کي سمجهندو آهي، مستقبل جي امڪانن جو اندازو لڳائيندو آهي ۽ غلطين مان سبق سکندو آهي. هيءَ صفت نہ هجي تہ ماڻهو صرف مسئلن جو شڪار ٿيندو رهندو پر انهن جو پائيدار حل نہ ڪڍي سگهندو.

**شفقت ۽ مهرباني:** امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضي الله عنه پاڻ بہ نهايت شفيق هئا ۽ چاهيندا هئا تہ جنهن کي بہ مقرر ڪن، اُهو بہ انتهائي شفيق ۽ مهربان هجي. هن سلسلي ۾ هڪ بيحد ايمان افروز واقعو ملي ٿو:

هڪ ڀيري پاڻ بنو اسد قبيلي جي هڪ شخص کي عهدو ڏنائون. اُهو شخص جڏهن عهدو وٺڻ لاءِ بارگاهِ فاروقي ۾ حاضر ٿيو ته ڏٺائين ته سندن هڪ ننڍڙو ٻار انهن جي پاسي ۾ موجود آهي ۽ پاڻ محبت سان ان کي چُمِي رهيا آهن. اُن شخص تعجب مان چيو: حضور! ڇا اوهان هِن ٻار کي چُمِي رهيا آهيو؟ مون ڪڏهن به پنهنجي اولاد کي محبت سان نه چميو آهي. اِهو ٻڌي سيدنا فاروق اعظم رضی اللہ عنہ سخت نا پسنديدگيءَ جو اظهار ڪندي فرمايو: فَاَنْتَ بِالنَّاسِ اَقَلُّ رَحْمَةً هَاتِ عَهْدَنَا لَا تَعْمَلُ لِي عَمَلاً اَبَدًا يعني تون ته ماڻهن تي تمام گهٽِ رحم ڪرڻ وارو آهين، تون اِن قابل نه آهين ته توکي ڪا ذميواري ڏني وڃي، اسان کي اُهو تقرريءَ جو پروانو واپس ڪري ڇڏ، جيڪو اسان توکي ڏنو آهي، اڄ کان پوءِ تون ڪڏهن به اسان جو ڪو حڪومتي ڪم نه ڪندين. (6)

**رعايا سان مِلِي جُلِي رهڻ:** امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ دلي طور تي اهڙي شخص کي منصب ڏيڻ چاهيندا هئا جيڪو عهدو ملڻ کان پوءِ عوام ۽ رعايا ۾ ائين رهي جڻ هُو انهن مان ئي هڪ فرد آهي ۽ جڏهن هُو ان عهدي تي نه رهي ته ائين لڳي ته جڻ اُهو ئي هن عهدي جي قابل هو. (7)

**فِسق ۽ فُجُور کان پاڪ هئڻ:** امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ فاسق ۽ فاجر شخص کي ذميداري ڏيڻ بلڪل پسند نه ڪندا هئا. پاڻ اِن سلسلي ۾ هڪ بنيادي اصول بيان فرمايائون: مَنِ اسْتَعْمَلَ فَاجِرًا وَهُوَ يَعْلَمُ اَنَّهُ فَاجِرٌ فَهُوَ فَاجِرٌ مِثْلُهُ يعني جنهن ڪنهن فاسق ۽ فاجر شخص کي نگران بڻايو ۽ کيس معلوم هو ته جنهن کي هن نگران بڻايو آهي اُهو فاسق ۽ فاجر آهي ته نگران بڻائڻ وارو به ان جهڙو آهي. (8)

هي اصول احتساب ۽ ذميداري جي تصور کي هڪ نئون موڙ ڏئي ٿو، جيڪو شخص ڄاڻي واڻي ڪنهن نااهل ۽ فاسق کي عهدو ڏئي، اُهو پاڻ به ان فِسق ۾ شريڪ آهي. هي اصول انهن ماڻهن جي لاءِ ڳڻتيءَ جوڳو آهي جيڪي ذاتي مفاد خاطر نااهل ماڻهن کي اهم عهدن تي مقرر ڪندا آهن.

سيدنا فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جي فرامين ۽ طرزِ حڪومت جي روشني ۾ هڪ ڪامياب گورنر جي صفتن جو خلاصو هي آهي ته:

## مثبت صفتون جن جو اهلِ منصب ۾ هئڻ ضروري آهي

۞ اعتدال ۽ توازن ۞ نرمي جيڪا ڪمزوري نه هجي ۞ سختي جيڪا ظلم نه هجي ۞ ڪفايت شعاري جيڪا بخل نه هجي ۞ لحاظ جيڪو حدون نه

اورانگهي ۞ امانتداري ۞ علمِ دين و دنيا ۞ تجربو ۽ بصيرت ۞ شفقت ۽ محبت ۞ رعايا سان مِلي جُلي رهڻ ۞ اخلاص ۽ ضبطِ نفس.

## منفي صفتون جن کان اهلِ منصب جو بچڻ ضروري آهي

۞ رياڪاري ۽ ڏيکاءُ ۞ سستي ۽ غفلت ۞ نفساني خواهشن جي پيروي ۞ فِسق ۽ فُجُور ۞ نااهل ماڻهن کي اهم عهدا ڏيڻ ۞ رعايا کان لا تعلقي ۽ بي رحمي.

## اڄ جي دور ۾ فاروقي اصول

سيدنا فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وفات کي چوڏهن سو سال گذري چڪا آهن، پر سندن مقرر ڪيل اصول اڄ به ايترا ئي تازا ۽ قابل عمل آهن. جديد دنيا ۾ گورننس جا جيڪي به نظريا پيش ڪيا ويا آهن، انهن مان اڪثر اصولن جو بنياد اُهي اصول آهن جيڪي سيدنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي دور ۾ متعارف ڪرايا هئا.

اڄ جڏهن دنيا ۾ حڪمرانيءَ جا بحران آهن، جڏهن عوام ۽ حڪمرانن جي وچ ۾ اعتماد جو ديوار ڊَهي چڪي آهي، اهڙي وقت ۾ فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جا هِي اصول روشن مِينارن وانگر آهن، جن تي عمل ڪرڻ ئي اصلاح جو واحد رستو آهي. اللّٰه تعاليٰ اسان کي انهن اصولن تي عمل ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي معاشري ۾ رائج ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(1)...مصنف عبد الرزاق،232/8، حديث: 15367
(2)...مصنف عبد الرزاق،232/8، حديث: 15368
(3)...الكامل فى التاريخ،402/2-تاريخ ابن عساكر،474/22
(4)...مصنف ابن ابى شيبه،140/19،حديث: 35590
(5)...كتاب الثقات لابن حبان،184/1
(6)...سنن كبرىٰ،72/9،حديث: 17906
(7)...كنز العمال،304/3،جزء:5،حديث: 14307
(8)...اخبار القضاة،69/1-مناقب امير المؤمنين عمر بن الخطاب، ص78



# ٻارن کي رحمدليءَ جي تربيت ڪيئن ڏيڻ گهرجي؟

حافظ حفيظ الرحمٰن

انساني معاشري جي خوبصورتي محبت، همدردي ۽ رحمدليءَ جهڙين صفتن سان قائم ٿيندي آهي ۽ انهن صفتن جو بنياد گهر مان ئي رکيو ويندو آهي. ٻارَ فطرتاً نرم دل هوندا آهن، پر جيڪڏهن سندن صحيح تربيت نہ ڪئي وڃي تہ اُهي ئي ٻارَ سخت دل بہ ٿي سگهن ٿا. ان ڪري والدين تي اهم ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هُو پنهنجي ٻارن جي اهڙي تربيت ڪن جنهن ۾ رحمدلي، ٻين لاءِ احساس ۽ مدد جو جذبو شامل هجي.

رحم دليءَ جو مطلب آهي ٻين جي درد ۽ تڪليف کي محسوس ڪرڻ، ساڻن نرمي ۽ شفقت جو ورتاءُ ڪرڻ ۽ ضرورت وقت سندن مدد لاءِ اڳتي وڌڻ.

معزز والدين! موجوده دور ۾ خود غرضي ۽ بي حِسي وڌي رهي آهي، اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي تہ ٻارن کي رحمدل بڻايو وڃي. اچو تہ! ڪجھ اهڙا طريقا ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا جن جي ذريعي اسان ٻارن ۾ رحمدليءَ جي خصلت پيدا ڪري سگهون:

**رحمدليءَ جي اهميت:** ٻارن کي رحمدليءَ جي تربيت ڏيڻ لاءِ ڪين رحمدليءَ جي اهميت جي باري ۾ ٻڌايو.

✿ رحمدليءَ کي قرآن ڪريم ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جي صفت ٻڌايو ويو آهي تہ هو پاڻ ۾ رحمدل آهن.[1] ان مان رحمدليءَ جي اهميت واضح ٿئي ٿي.

احاديث ۾ مختلف لفظن سان رحمدليءَ جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي، ٻارن کي ان جي متعلق ڪجھ حديثون ٻڌايو.

✿ نبي پاڪ صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”مومنن جو مثال (پاڻ ۾ رحمدليءَ ۾) هڪ جسم جهڙو آهي، جيڪڏهن هڪ عضوي کي تڪليف ٿيندي آهي تہ سڄو جسم بي خوابي ۽ بخار جهڙي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي.“[2]

**تڪبر ۽ تحقير کان بچايو:** ٻارن کي رحمدليءَ جي تربيت ڏيڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن کي تڪبر ۽ ٻين جي تحقير جهڙن بُرن روين کان بچايو وڃي. جڏهن ٻار پاڻ کي ٻين کان بهتر سمجهڻ لڳندو آهي تہ سندس دل ۾ رحمدلي ۽ همدرديءَ جو جذبو گهٽجڻ لڳندو آهي. تنهنڪري والدين کي گهرجي تہ ٻارن کي عاجزي ۽ انڪساريءَ

جي اهميت سمجهائن ۽ کين ٻڌائن ته اصل عزت انسان جي اخلاق ۾ هوندي آهي، نه ڪي دولت، طاقت يا شڪل ۽ صورت ۾. ٻارن کي اهو به ٻڌايو ته سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن، ان ڪري ڪنهن کي به گهٽ سمجهڻ يا سندس بي عزتي ڪرڻ درست نه آهي. جڏهن ٻار اِهو سمجهي ويندا آهن ته سندن دلين ۾ خود بخود رحمدلي، محبت ۽ انسانيت پيدا ٿي ويندي آهي.

**رحمدليءَ جا فائدا ٻڌايو:** ٻارن کي رحمدليءَ جي تربيت ڏيڻ لاءِ کين رحمدليءَ جا فائدا ٻڌايو. رحمدليءَ جو هڪ فائدو هي آهي ته ان سان الله پاڪ جي رحمت حاصل ٿيندي آهي. نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”الله پاڪ پنهنجن رحمدل ٻانهن تي ئي رحم فرمائيندو آهي، تنهنڪري توهان زمين وارن تي رحم ڪندا ڪريو، آسمانن جو مالڪ توهان تي رحم فرمائيندو.“ (3)

ٻيو فائدو هي آهي ته رحمدلي جنت ۾ داخل ٿيڻ جو سبب آهي. رسولِ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ حَتّٰى تَرَاحَمُوْا ”يعني توهان ان وقت تائين جنت ۾ داخل نه ٿا ٿي سگهو جيستائين توهان پاڻ ۾ هڪٻئي جي لاءِ رحمدل نه ٿا ٿي وڃو.“ (4)

رحمدليءَ جو ٽيون فائدو هي آهي ته اِن سان ماڻهن جي دلين ۾ محبت ۽ پنهنجائپ پيدا ٿيندي آهي. جيڪو شخص ٻين سان نرمي، همدردي ۽ شفقت جو رويو اختيار ڪندو آهي، ماڻهو اُن ڏانهن خود بخود مائل ٿي ويندا آهن ۽ ساڻس دل سان محبت ڪرڻ لڳندا آهن.

**ٻارن کي ٻڌايو ته:** پيارا ٻارو! جيڪو شخص ٻين تي رحم نه ڪندو آهي، ان جي دل آهستي آهستي سخت ٿي ويندي آهي، پوءِ هُو ڪنهن جي تڪليف محسوس نه ڪندو آهي ۽ جڏهن ڪو ڪنهن جي تڪليف محسوس نه ڪندو آهي ته ماڻهو به سندس تڪليف جي وقت ان جو ساٿ ڇڏي ويندا آهن.

جيڪو ٻين تي رحم نه ڪندو آهي ان جا دوست گهٽ ٿي ويندا آهن، بي رحم شخص کي ڪير به پسند نه ڪندو آهي، هرڪو ان کان پَري رهڻ جي ڪوشش آهي، اهڙي طرح بي رحم شخص اڪيلو رهجي ويندو آهي.

بي رحميءَ جي ڪري لڙايون جهڳڙا وڌي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته جنهن تي ظلم ٿيندو آهي اُهو بدلو وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جنهن سان جهڳڙا وڌندا آهن.

بي رحم شخص جي عزت گهٽجي ويندي آهي. ماڻهو اهڙي شخص کي بُرو سمجهندا آهن ۽ سندس عزت ۽ قدر گهٽ ٿي ويندو آهي يا آهستي آهستي ختم ٿي ويندو آهي.

جيڪو ٻين تي رحم نه ڪندو آهي ان کي پاڻ کي به سڪون نه ملندو آهي، هُو اندر ئي اندر ۾ بيچين رهندو آهي.

**والدين پاڻ رحمدليءَ جو مظاهرو ڪن:** ٻار پنهنجي ابتدائي زندگيءَ ۾ پنهنجي والدين کان سکندو آهي ۽ انهن جا رَوِيا ئي سندس شخصيت جو حصو بڻجي ويندا آهن. جيڪڏهن والدين پاڻ رحمدل، نرم مزاج ۽ ٻين جو خيال رکڻ وارا هوندا آهن ته ٻارَ به سندن انهن خوبين کي اپنائيندا آهن. پر جيڪڏهن ٻارن جي اُن طرف توجهه نه ڏياري وڃي ته اُهي خود غرض ۽ بي حِس به ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري ضروري آهي ته والدين پنهنجن ٻارن جي اهڙي نموني تربيت ڪن جنهن سان انهن جي اندر رحمدلي، همدردي ۽ انسانيت جو جذبو پيدا ٿي سگهي.

**ٻارن کي رحم دليءَ جو عملي طريقو ٻڌايو ته:** توهان رحمدليءَ جو اظهار هن طرح ڪري سگهو ٿا جو:

✿ پنهنجي آس پاس رهڻ وارن ماڻهن جي ضرورتن کي سمجهو ۽ سندن مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

✿ جيڪڏهن ڪو بيمار هجي ته ان جي عيادت ڪريو، ڪانئس حال احوال پڇو ۽ ان جي لاءِ دعا به ڪريو ۽ جيڪڏهن ان وٽ دوا جا پيسا نه هجن ته پنهنجي والد صاحب، چاچي يا وڏن کي ٻڌائي سندس لاءِ دوا جو انتظام ڪريو.

✿ جيڪڏهن ڪنهن ٻارَ وٽ پڙهڻ لاءِ ڪتاب نه هجن ته سندس مدد ڪندي ڪتاب وٺي ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو.

✿ ڪنهن جي گهر ۾ کائڻ لاءِ کاڌو نه هجي ته پنهنجن گهر وارن کي ٻڌائي، انهن جي لاءِ کاڌي جو بندوبست ڪريو.

✿ جن ٻارن وٽ رانديڪا نه هجن ته انهن کي پاڻ سان گڏ کيڏڻ ۾ شامل ڪريو.

✿ ڪنهن غريب ٻارَ وٽ مناسب ڪپڙا نه هجن ته پنهنجن وڏن جي ذريعي سندس لاءِ ڪپڙن جو انتظام ڪريو.

محترم والدين! اچو ته اسان سڀ گڏجي پنهنجن ٻارن کي رحمدل بڻائي هڪ خوبصورت ۽ محبتن ڀريو معاشرو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

---

(1).... ديکهيے: پ26، الفتح: 29
(2)....بخاری، 103/4، حديث: 6011
(3) ....ترمذی،381/3،حديث:1931
(4) ...مستدرک،282/4، حديث:7389

نياڻين جي تربيت



# ڌِيئُرن کي صبر ۽ تحمل جي تربيت ڏيو

اُمِ ميلاد عطاريہ

وڏيون وڏيون مشڪلاتون ۽ آزمائشون ختم ٿي وينديون آهن ۽ گوڙا لهجا بہ مِٺا ٿي ويندا آهن، پر ان جي لاءِ صبر ڪرڻو پوندو آهي. صبر ۽ تحمل هڪ اهڙو هٿيار آهي، جنهن سان طوفانن جو رخ موڙي سگهجي ٿو ۽ انتهائي ڏُکئي کان ڏُکئي مسئلي جو حل ڪڍي سگهجي ٿو. صبر انسان جي شخصيت ۾ نکار پيدا ڪندو آهي

مردن ۽ عورتن جي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي معاملن جي نوعيت الڳ هوندي آهي. اهڙي طرح پريشانين ۽ مصيبتن ۾ صبر ۽ تحمل جي نوعيت بہ الڳ هوندي آهي. ان صورتحال ۾ والدين تي، ڌيئرن جي تربيت جي معاملي ۾ وڏي اهم ذميواري عائد ٿئي ٿي.

مائرون پنهنجين ڌيئرن کي ننڍي عمر کان ئي پوري توجهہ، شفقت ۽ محبت سان مثبت شخصيت واري بڻائڻ جي ڪوشش ڪن. ڇو جو ننڍپڻ ۾ سيکاريل شيءِ پختي ٿي ويندي آهي، جيئن حديث پاڪ ۾ آهي: مَثَلُ الَّذِیْ یَتَعَلَّمُ الْعِلْمَ فِیْ صِغَرِہٖ کَالنَّقْشِ عَلَی الْحَجَرِ يعني ننڍپڻ ۾ علم حاصل ڪرڻ واري جو مثال پٿر تي لَڪير وانگر آهي. (1)

صبر جي اهميت ۽ صبر اپنائڻ جي ذهن سازيءَ لاءِ سڀ کان پهريان ڌيئُرن کي ٻڌايو تہ **صبر** رڪجي وڃڻ يا باز رهڻ جو نالو آهي، ۽ نفس کي ان شيءِ تي روڪڻ (يعني ڄمِي بيهي رهڻ) جنهن تي رُڪجڻ جو عقل ۽ شريعت تقاضا ڪري رهي آهي، اُهو صبر آهي. صبر ٻن قسمن جو هوندو آهي: پهريون جسماني صبر، جيئن جسماني مشقتون برداشت ڪرڻ ۽ انهن تي ثابت قدم رهڻ. ٻيو طبعي خواهشات ۽ انهن خواهشن جي غلبي وقت صبر ڪرڻ. (2) قرآن مجيد ۾ آهي:

وَاصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِیْنَ ۚ(۴۶)

(سورة انفال: 46)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ صبر ڪريو، بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي. (3)

ڌيئُرن کي ٻڌايو تہ مسلمان لاءِ صبر ۾

وڏي پلائي آهي، الله پاڪ مسلمان جي لاءِ هر حال ۾ خير ئي خير رکيو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي:

مؤمن جو معاملو ڪيڏو نہ عجيب آهي، جو ان جي لاءِ هر معاملي ۾ خير ئي خير آهي. جيڪڏهن ڪيس خوشي ملي ۽ هُو ان تي شڪر ڪري تہ اُها سندس لاءِ خير آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس مصيبت پهچي ۽ هُو ان تي صبر ڪري تہ اها بہ سندس لاءِ پلائي آهي. (4)

اسان جي زندگيءَ ۾ جيڪي بہ مشڪلاتون اچن، ان وقت اسان کي نماز نہ ڇڏڻي آهي، صبر جو دامن نہ ڇڏڻو آهي. پر اسان کي هي ڏِسڻو آهي تہ اسان جي پياري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ طيبہ ۾ ڪيڏا ڪيڏا دردناڪ لمحا آيا، پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشه صبر ڪيو، جيئن:

**(1):** جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي ۾ دعوتِ اسلام جو آغاز فرمايو تہ ڪافرن سندن انڪار ڪيو، طعنا ڏنا، ايسيتائين جو کين جسماني اذيتون بہ پهچايائون. پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ بدلو نہ ورتو، پر هميشه صبر ۽ نرميءَ جو رستو اختيار فرمايو. هي ڏِيئرن لاءِ سبق آهي تہ مشڪل حالتن ۾ بہ اخلاق ۽ حوصلو نہ ڇڏڻ گهرجي.

**(2):** ٽن سالن تائين پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن صحابہ ڪِرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم شُعبِ اَبِي طالب ۾ سخت بک، اڃ ۽ تنگي برداشت ڪئي. وٽن کائڻ لاءِ ڪجھ بہ نہ هوندو هو، ٻار بک وِگهي روئندا هئا، پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله تي ڀروسو ۽ صبر جو دامن نہ ڇڏيو. هي مثال سيکاري ٿو تہ آزمائشون عارضي هونديون آهن، صبر ڪرڻ وارن لاءِ آساني ضرور ايندي آهي.

**(3):** جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طائف ڏانهن تشريف کڻي ويا تہ اتان جي ماڻهن نہ صرف سندن دعوت کي رَد ڪيو پر مٿانئن پٿر بہ وسايائون. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رتوڇاڻ ٿي ويا، پر ان جي باوجود بہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کين بددعا ڏيڻ بدران سندن لاءِ هدايت جي دعا ڪئي. هي مثال ڌيئرن کي سيکاري ٿو تہ جيڪڏهن ڪڏهن توهان جي جائز ڳالھ يا مطالبا نہ بہ مڃيا وڃن تڏهن بہ صبر ڪريو ۽ تڪليف ڏيڻ واري جي لاءِ بہ خيرخواهي جو جذبو رکڻ گهرجي.

**(4):** جڏهن مڪو فتح ٿيو تہ اُهي ئي ماڻهو جيڪي سالن تائين پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ستائيندا رهيا، سندن سامهون بيوَس بڻيا بيٺا هئا. پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون: **اڄ**

**توهان تي ڪائي پَڪڙ نہ آهي**. هي اعليٰ درجي جو صبر ۽ برداشت جو مثال آهي تہ طاقت هئڻ جي باوجود بہ انتقام نہ ورتو وڃي. جيڪڏهن اوهان طاقتور بڻجي وڃو تہ جن اوهان کي ڪمزوريءَ ۾ تنگ ڪيو هو، توهان بدلي ۾ ڪين تنگ نہ ڪريو.

**(5): نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي** ازواجِ مطهرات جي گهرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪيترن ئي ڏينهن تائين چُلهہ نہ ٻَرندي هئي. حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون تہ ائين بہ ٿيندو هو جو ٻہ ٻہ مهينا گذري ويندا هئا ۽ گهر ۾ باهہ نہ ٻرندي هئي، صرف کجور ۽ پاڻيءَ تي گذارو ٿيندو هو. ان جي باوجود بہ ازواجِ مطهرات ڪڏهن شڪايت نہ ڪئي، پر صبر، شڪر ۽ قناعت سان زندگي گذاريائون. هي مثال ڏيئرن کي سيکاري ٿو تہ تنگي ۽ گهٽِ وَڌائي زندگيءَ جو حصو آهي، اصل ڪاميابي هيءَ آهي تہ انسان هر حال ۾ صبر ڪري، الله پاڪ تي ڀروسو رکي ۽ ناشڪريءَ کان بچندو رهي.


---

(1) ... مجمع الزوائد، 333/1، حديث: 515

(2) ... صراط الجنان، پ2، البقره، تحت الآیۃ:153، 1/ 279

(3) ... پ10، الانفال: 46

(4) ... مسلم،ص:1222، حديث:7500، ملتقطاً



# مرحوم والدين سان حُسنِ سُلوڪ

مولانا اعجاز نواز عطاري مدني

حضرت ابو اُسيد مالڪ بن ربيعہ ساعدي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ اسان حضور نبيءِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر هئاسين ته بنو سلمہ قبيلي جو هڪ شخص آيو ۽ پڇيائين: ”يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا منهنجي والدين جي مرڻ کان پوءِ انهن سان ڀلائي ڪرڻ جو ڪو طريقو آهي؟“ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

نَعَمْ! الصَّلَاةُ عَلَيْهِمَا وَالِاسْتِغْفَارُ لَهُمَا وَاِنْفَاذُ عَهْدِهِمَا مِنْ بَعْدِهِمَا وَصِلَةُ الرَّحِمِ الَّتِي لَا تُوصَلُ اِلَّا بِهِمَا وَاِكْرَامُ صَدِيقِهِمَا

**ترجمو:** ها! انهن جي لاءِ دعا ڪرڻ، انهن جي لاءِ استغفار ڪرڻ، سندن ڪيل واعدو پورو ڪرڻ، انهن جي رشتيدارن سان صلہءِ رحمي ڪرڻ ۽ سندن دوستن جو احترام ڪرڻ.(1)

**راويءِ حديث:** حضرت ابو اُسيد مالڪ بن ربيعہ ساعدي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ انصاري ۽ بَدَري صحابي آهن. پاڻ سيني غزوات ۾ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ شريڪ رهيا ۽ ڪيترن ئي محدثين کانئن روايتون نقل ڪيون آهن. پاڻ بصره ڏانهن وڃڻ کان پوءِ **60ھ** ۾ **78** سالن جي عمر ۾ وصال فرمايائون. بدري اصحابن مان سيني کان آخر ۾ وفات ڪرڻ وارا صحابي هي ئي آهن. بدري اصحابن جي عزت ۽ عظمت جو قرآن مجيد ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.(2)

**حديث جي شرح:** هن حديث پاڪ ۾ مرحوم والدين جا **5** حق بيان ڪيا ويا آهن جيڪي انهن سان حُسنِ سُلوڪ ۽ ڀلائي جو ذريعو بہ آهن: **(1):** انهن جي جنازي جي نماز پڙهڻ **(2):** انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ **(3):** انهن جي ڪيل واعدي کي پورو ڪرڻ **(4):** انهن جي رشتيدارن سان صلہءِ رحمي ڪرڻ **(5):** سندن دوستن جو احترام ڪرڻ. مشهور محدث ۽ مفسر، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: ”ماءُ پيءُ جي انتقال کان پوءِ انهن سان ڀلائي ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ اولاد هر نماز کان پوءِ پنهنجي والدين جي لاءِ دعا ڪندي رهي، سندن نالي تي صدقا ۽ خيراتون ڪري، انهن جي طرفان حج بدل ڪري يا ڪنهن ٻئي کان ڪرائي، سندن ٽيجهو، ڏهون، چاليهو، ٻارهو وغيره ڪري. ڪجھ ماڻهو پنهنجي والدين جون چڱيون رسمون قائم رکندا آهن، جيڪڏهن سندن والدين ڪنهن تاريخ تي خيرات ڪندا هئا يا ميلاد شريف، يارهين شريف وغيره ڪندا هئا تہ اُهي هميشہ اُهو ڪندا

رهندا آهن، جنهن مسجد ۾ اُهي نماز پڙهندا هئا اُن مسجد کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.“ وڌيڪ فرمائن ٿا: ”جن عزيزن سان رشتو صرف ماءُ يا پيءُ جي ڪري هجي ۽ ٻئي ڪنهن سبب سان نه هجي، انهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ ته هي منهنجي والدين جي خوشنودي جو ذريعو آهن. هن ۾ ڀائر، ڀينرون، چاچا، ماما، ڦُڦِيُون، ماسِيُون سڀئي شامل آهن. ٻيو هي ته انهن سان ان ڪري ڀلائي ڪري ته جيئن والدين جي رِضا حاصل ٿئي، پنهنجو نالو يا شهرت مقصود نه هجي. مطلب ته انهن رشتيدارن جي خدمت ان ڪري، ڪري ته جيئن سندس والدين راضي ٿي وڃن ۽ والدين جي رِضا ۾ الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا آهي. وڌيڪ هي ته پُٽُ پنهنجي پيءُ جي دوستن ۽ ماءُ جي سهيلين جي به عزت ڪري.“ (3) هي الله رحيم ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حسين تعليمات آهن، هي حسنِ سلوڪ جو عظيم پَهلُو آهي، هي اخلاقِ حَسنه جو معراج آهي. هي انساني حقن جو سڀ کان نمايان ۽ منفرد نمونو آهي جو دنيا کان رخصت ٿي وڃڻ کان پوءِ به والدين جا حق مقرر ڪيا ويا آهن.

**مرحوم والدين جا اولاد تي حق:** امامِ اهل سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مرحوم والدين جا **12** حق احاديث جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيا آهن، سندن خلاصو هن ريت آهي:

**(1):** مرڻ کان پوءِ سندن غسل، ڪفن، نماز ۽ تدفين جو اهتمام ڪرڻ ۽ اِنهن ڪمن ۾ سنتن ۽ مستحبات جو خيال رکڻ جنهن مان انهن جي لاءِ هر قسم جي برڪت، رحمت ۽ وسعت جي اميد هجي. **(2):** انهن جي لاءِ هميشه دعا ۽ استغفار ڪندو رهڻ **(3):** صدقو ۽ خيرات ۽ نيڪ عملن جو ثواب کين ۽ سڀني مسلمانن کي پهچائيندو رهڻ جو انهن سڀني کي به ثواب ملي ويندو ۽ هن جي پنهنجي ثواب ۾ به ڪا گهٽتائي نه ٿيندي پر اجان به وڌيڪ ترقيون حاصل ڪندو **(4):** جيڪڏهن انهن جي مٿان ڪنهن جو قرض وغيره هجي ته ان جي ادائيگي ۾ حد کان وڌيڪ جلدي ۽ ڪوشش ڪرڻ ۽ پنهنجي مال مان سندن قرض ادا ڪرڻ کي ٻنهي جهانن جي سعادت سمجهڻ **(5):** جيڪڏهن انهن جي مٿان ڪو فرض رهجي ويو هجي ته وَسَ آهر ان کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ حج نه ڪيو هئائون ته سندن طرفان حج ڪرڻ يا حج بدل ڪرائڻ، زڪوات يا عشر وغيره انهن ڏي رهيل هجي ته اُهو ادا ڪرڻ، نماز يا روزا وغيره باقي هجن ته انهن جو ڪفارو ڏيڻ وعلیٰ هٰذالقياس **(6):** انهن جيڪا جائز شرعي وصيت ڪئي هجي حتي الامڪان ان کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ جيتوڻيڪ شرعي طور توهان تي اُها لاڳو نه ٿيندي هجي يا نفس تي بار معلوم ٿيندي هجي **(7):** سندن قسم کي مرڻ کان پوءِ به قائم رکڻ مثلاً ماءُ پيءُ قسم کنيو

هو تہ منهنجو پٽ فلاڻي جاءِ تي نہ ويندو يا فلاڻي شخص سان نہ ملندو يا فلاڻو ڪم ڪندو تہ ان جو ائين ئي پابند رهي جيئن سندن زندگيءَ ۾ پابند هجي ها جيستائين ڪو شرعي عذر نہ هجي ۽ صرف قَسَم ئي نہ پر هر طرح جي جائز ڪمن ۾ مرڻ ڪان پوءِ بہ سندن مرضيءَ جو پابند رهي **(8):** هر جمعي تي سندن قبر جي زيارت لاءِ وڃڻ، اُتي يٰس شريف پڙهڻ ۽ ايتري آواز سان پڙهڻ جو اُهي ٻُڌَن ۽ ان جو ثواب ڪين پهچائڻ، راهہ ويندي جڏهن بہ سندن قبر رستي ۾ اچي تہ بغير سلام ۽ فاتحہ جي اُتان نہ گذرڻ **(9):** سندن رشتيدارن سان عمر ڀَر نيڪ سلوڪ ڪرڻ **(10):** سندن دوستن سان دوستي نڀائڻ ۽ سندن عزت ۽ احترام ڪرڻ **(11):** ڪڏهن بہ ڪنهن جي ماءُ پيءُ کي گهٽِ وَڌِ ڳالهائي، جواب ۾ ڪين بہ گهٽِ وَڌِ نہ ڳالهرائڻ **(12):** سيني ڪان سخت ترين ۽ عام ۽ هميشگي وارو حق هي آهي تہ ڪڏهن بہ ڪو گناهہ ڪري ڪين قبر ۾ ايذاءُ نہ پهچائڻ ڇو جو اولاد جي سمورن عملن جي خبر ماءُ پيءُ کي پهچندي آهي، نيڪيون ڏسندا آهن تہ خوش ٿيندا آهن ۽ سندن چهرو خوشي وِچان ٻَهڪڻ لڳندو آهي، گناهہ ڏسندا آهن تہ غمزده ٿي ويندا آهن ۽ سندن دل کي صدمو رَسندو آهي، ماءُ پيءُ جو اِهو حق نہ آهي تہ ڪين قبر ۾ بہ رنج پهچائجي.[4]

### والدين جي خدمت ۾ نيت ڪهڙي هئڻ گهرجي:

والدين جي خدمت بغير ڪنهن دنياوي غرض ۽ لالچ جي ڪرڻ گهرجي. مشهور محدث ۽ شارح حديث علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اولاد جي لاءِ والدين جا ڪجهہ حق بيان ڪرڻ ڪان پوءِ فرمائن ٿا تہ: جيڪو شخص والدين جو خدمت گذار آهي، ان جي لاءِ هي مناسب نہ آهي تہ هُو سندن خدمت جي عيوض ڪنهن مرتبي جو خواهشمند هجي سواءِ ان جي تہ ان ۾ الله پاڪ جي رضا ۽ والدين جي رضا شامل هجي ۽ نہ ئي سندن خدمت سبب رياڪاريءَ ۾ مبتلا ٿئي ڇاڪاڻ تہ اهڙي حال ۾ سندن خدمت ڪرڻ گناهہ آهي ۽ اهڙي شخص جي رياڪاريءَ کي الله پاڪ جلد ظاهر فرمائي ڇڏيندو ۽ سندس ماڻُ ۽ مرتبو والدين جي دل مان نڪري ويندو.[5] تنهنڪري وفات ڪان پوءِ بہ سندن حقن جي ادائيگيءَ ۾ ان ڳالهہ جو خيال رکيو وڃي. الله رب العزت اسان کي زندگيءَ ۾ ۽ مرڻ ڪان پوءِ بہ والدين جا حق بهتر انداز ۾ پورا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1...ابو داؤد،434/4، حديث:5142

2... فيضان رياض الصالحين،50/4

3...مرأة المناجيح،532/6،533 ملخصاً

4...فتاویٰ رضويہ،391/24 ملخصاً

5...مرقاة المفاتيح،669/8، تحت الحديث:4936ملخصاً



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

**مفتي فضيل رضا عطاري**

## (1): وُضوءَ جي دوران مٿي تي لڳل ميندي ءَ تي مسح ڪرڻ جو شرعي حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ ته عورت جڏهن پنهنجي سڄي مٿي تي ميندي ءَ جو ليپ ڪيو هجي ۽ ان دوران نماز جو وقت داخل ٿي وڃي ته ڇا مٿي تي موجود ميندي ءَ جي ليپ تي مسح ڪرڻ شرعاً درست آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

وارَن تي ميندي لڳل هئڻ جي صورت ۾ مسح جو حڪم هي آهي ته جيڪڏهن ميندي ءَ جو ليپ ايترو گهاٽو آهي يا خشڪ ٿي ايترو سخت ٿي چڪو آهي جو هيٺان مٿي جي کَل يا وارن تائين پاڻي نه پهچندو ته هاڻي ميندي ءَ جي مٿان مسح درست نه ٿيندو. پر جيڪڏهن ميندي ءَ جو ليپ سَنهو هجي يا ان جو ڪو ٿُلهو تهہُ موجود نه هجي ته حڪم ۾ تفصيل آهي. جيڪڏهن مسح ڪرڻ وقت هٿ جي آلاڻ پاڻي ئي رهي ۽ منجهس ميندي ءَ جا جُزا ايترا نه ملن جو اُهي پاڻيءَ جي حقيقت کي بدلائي ڇڏين ته اهڙي صورت ۾ مسح درست آهي ۽ جيڪڏهن هٿ جي آلاڻ ميندي ءَ جي اثر سان ان حد تائين بدلجي وڃي جو ان کي مطلق پاڻي نه چئي سگهجي ته پوءِ اهڙي صورت ۾ مسح درست نه آهي.

واضح رهي ته مٿي کان هيٺ لڙڪندڙ وارن تي مسح ڪري ڇڏڻ ڪافي نه آهي، ان سان مسح جو فرض ادا نه ٿيندو آهي، پر خاص مٿي جي چوٿين حصي جي مقدار تي مسح ڪرڻ فرض آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَمُ صَلَّى اللّٰهُ عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (2) نِفاس کان پوءِ 15 ڏينهن جي اندر خون اچڻ جو شرعي حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي بابت ته مون کي پهرين ٻار جي ولادت ٿي ۽ مون کي چاليهه ڏينهن خون جاري رهيو، پوءِ بند ٿي ويو ته مون غسل ڪري نمازون پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيون. پوءِ **13** ڏينهن کان پوءِ مون کي ٻيهر خون اچڻ شروع ٿي ويو ته مون نماز پڙهڻ ڇڏي ڏني، هِي خون **2** ڏينهن کان پوءِ بند ٿي ويو. هاڻي پڇڻو هي آهي ته انهن

ٻن ڏينهن جي نمازن جي قضا پڙهڻي آهي يا نه؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شرعي قانون مطابق ٻن حيضن ۽ نفاس ۽ حيض جي وچ ۾ ڪامل طهر (مڪمل پاڪائي) يعني گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن جو فاصلو هئڻ ضروري آهي. جيڪڏهن حيض يا نفاس ختم ٿيڻ کان پوءِ پندرهن ڏينهن پورا ٿيڻ کان اڳ ۾ خون اچي وڃي ته اُهو حيض نه، پر استحاضه يعني بيماريءَ جو خون هوندو آهي ۽ استحاضه جي حالت ۾ نمازون ۽ روزا معاف نه هوندا آهن.

ان ڪري پڇا ڪيل صورت ۾ نفاس ختم ٿيڻ کان پوءِ تيرهين ڏينهن جيڪو خون آيو ۽ ٻن ڏينهن تائين جاري رهيو، ته اِهو استحاضه جو خون ٿيو. تنهنڪري انهن ٻن ڏينهن جي نمازن جي قضا ڪرڻ فرض آهي. وڌيڪ هي ته بغير شرعي عذر جي نمازون قضا ڪرڻ جي ڪري اوهان گنهگار به ٿيون، ان کان توبهه ڪرڻ به لازمي آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَمُ صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم



# جنگي حالتن جي غيبي خبر

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

پيارا ٻارو! اسان جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي معجزن مان هڪ معجزو سندن غيب جو علم ٻہ آهي، يعني ڪيترائي پيرا نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن ظاهري ذريعي کان سواءِ گذريل يا ايندڙ واقعن ۽ ڳُجهِيُن حالتن ۽ معاملن بابت خبر ڏني. اچو تہ سندن علمِ غيب سان لاڳاپيل هڪ واقعو پڙهون ٿا:

سن 8 هجري ۾ جنگِ موتہ اُن وقت پيش آئي جڏهن رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قاصد حضرت حارث بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي شُرحبيل غسانيءَ شهيد ڪري ڇڏيو، جڏهن تہ ان کان اڳ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪو بہ قاصد قتل نہ ڪيو ويو هو. تنهنڪري پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽي هزار (3000) مجاهدن جو لشڪر تيار ڪيو ۽ حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي امير مقرر فرمايو. گڏوگڏ هي بہ فرمايائون تہ جيڪڏهن هي شهيد ٿي وڃن تہ پوءِ حضرت جعفر بن ابي طالب امير هوندا ۽ جيڪڏهن انهن کي بہ شهيد ڪيو ويو تہ پوءِ حضرت عبد الله بن رَواحہ امير هوندا ۽ هنن جي شهادت کان پوءِ مسلمان پاڻ ڪنهن کي بہ امير مقرر ڪري ڇڏين. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڇو جهنڊو ڏئي ڪين هدايت فرمائي تہ پهريان انهن کي اسلام جي دعوت ڏيو، قبول نہ ڪن تہ پوءِ ساڻن جنگ ڪريو ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ثنية الوَداع تائين کين رخصت ڪرڻ لاءِ تشريف وٺي ويا. هوڏانهن دشمنن خبر مِلندي ئي 2 لک کان وڌيڪ ماڻهن جو لشڪر تيار ڪري ورتو.

جنگ جي ميدان ۾ دشمنن جو تعداد ۽ ساز و سامان تمام گهڻو هو، پر مسلمان ثابت قدم رهيا. هڪ هڪ ڪري حضرت زيد بن حارثہ، حضرت جعفر بن ابي طالب ۽ حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم ٽئي ڄڻا شهيد ٿي ويا. آخرڪار مسلمانن اتفاقِ راءِ سان حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي امير منتخب ڪيو، جن بهترين حڪمتِ عمليءَ سان دشمنن کي نقصان پهچايو ۽ مسلمانن کي سلامتيءَ سان واپس وٺي آيا.[1]

الله تعاليٰ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سامهون جنگ جي ميدان جو منظر ظاهر فرمائي ڇڏيو هو، تنهنڪري پاڻ مديني طيبہ ۾ موجود رهي بہ جنگ جي سڄي صورتحال ملاحظ فرمائي رهيا هئا. اِهو ئي سبب هو جو مديني ۾ جنگ جي خبر پهچڻ کان اڳ ئي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجن ٽنهي سپہ سالارن جي شهادت جي باري ۾ ماڻهن کي

ٻڌائي ڇڏيو ۽ هي بہ ٻڌايو تہ هاڻي الله جي تلوارن مان هڪ تلوار (حضرت خالد بن وليد) جهنڊو سنڀاليو آهي، ايستائين جو الله پاڪ سندن هٿ تي فتح عطا فرمائي. (2)

جڏهن يعليٰ بن اميہ جنگِ موتہ جي خبر کڻي واپس آيا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "چاهين تہ تون مون کي جنگ جي خبر ٻڌاءِ يا مان توکي جنگ جي باري ۾ ٻڌايان. هنن عرض ڪيو: توهان ئي ٻڌايو. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سمورو واقعو کين ٻڌايو. جنهن تي انهن چيو:

"اُن ذات جو قسم جنهن اوهان کي حق ٻڌائي موڪليو آهي، توهان انهن حالتن جو هڪ اکر بہ نہ ڇڏيو آهي." (3)

يقيناً مديني منوره کان هڪ هزار ڪلوميٽرن کان بہ وڌيڪ مفاصلي تي ٿيڻ واري جنگ جون حالتون مديني ۾ رهندي اهڙي طرح ٻڌائڻ، مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علمِ غيب جو واضح دليل آهي. هن واقعي مان اسان کي سکڻ لاءِ ڪجھ سبق ملن ٿا:

**(1):** مسلمان کي هر حال ۾ سچائي ۽ حق سان گڏ بيهڻ گهرجي، چاهي مخالف ڪيترا بہ وڌيڪ ڇو نہ هجن.

**(2):** اسان کي پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ نبوت تي مڪمل يقين رکڻ گهرجي تہ الله پاڪ کين خاص علم عطا فرمايو آهي.

**(3):** مشڪل حالتن ۾ گهبرائڻ جي بدران همت ۽ ثابت قدميءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي.

**(4):** سٺو ليڊر اُهو هوندو آهي جيڪو اڳواٽ ئي منصوبا بندي ڪري ۽ متوقع صورتحال سان مُنهُن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ ئي انتظام ڪري ڇڏي.

**(5):** اسلام اسان کي نظم و ضبط ۽ قيادت جي اهميت سيکاري ٿو تہ هر ڪم هڪ امير جي سرپرستيءَ ۾ ٿيڻ گهرجي.

**(6):** صحابہءِ ڪِرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي سيرت اسان کي دين لاءِ قربانين جو جذبو ڏئي ٿي.

**(7):** وڏي نقصان کان پوءِ بہ همت نہ هارڻ ۽ مشوري سان اڳتي وڌڻ ڪاميابيءَ جو ذريعو بڻجي ويندو آهي.

**(8):** جيڪو ڪم مسلمانن جي اتفاق راءِ سان ڪيو وڃي ان ۾ برڪت ٿيندي آهي.

**(9):** مسلسل ڪوشش ۽ مستقل مزاجي ڪاميابيءَ جي چابي آهي.

**(10):** نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پنهنجي اصحابن سان محبت ڀريو تعلق اسان کي پنهنجن ساٿين سان محبت ۽ خير خواهي جو درس ڏئي ٿو.

---

(1) ... ديکهئے: زرقانى على المواہب، 3 / 340- 350

(2) ... ديکهئے: بخارى، 2/ 548، حديث: 3757

(3) ... ديکهئے: زرقانى على المواهب، 3 / 355

# محرمُ الحرام جا ڪجھ اهم واقِعا

| تاريخ / مهينو / سال | تالو / واقعو | وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو |
|---|---|---|
| 1 محرم الحرام 24 هـ | يومِ عُرس مسلمانن جا ٻيو نمبر خليفا، حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439 کان 1446هـ ۽ ”فيضانِ فاروقِ اعظم“ |
| 1 محرم الحرام 486 هـ | يومِ عُرس شيخُ الاسلام حضرت ابوالحسن علي بن احمد ٻهڪاري رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439هـ |
| 1 محرم الحرام 632 هـ | يومِ عُرس شيخ شهاب الدين عمر سهروردي رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439هـ |
| 2 محرم الحرام 200 هـ | يومِ وصال حضرت شيخ معروف ڪرخي رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439هـ |
| 5 محرم الحرام 664 هـ | يومِ عُرس حضرت بابا فريد الدين مسعود گنج شڪر رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439هـ ۽ ”فيضانِ بابا فريد گنج شڪر“ |
| 10 محرم الحرام 61 هـ | يومِ شهادت نواسءِ رسول حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439 کان 1446هـ ۽ ”امام حسين جون ڪرامتون“ |
| 10 محرم الحرام 1142 هـ | يومِ وصال حضرت سيد برڪت الله مارهروي رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439هـ |
| 12 محرم الحرام 513 هـ | يومِ وصال مرشدِ غوثِ اعظم، حضرت ابو سعيد مبارڪ مخزومي رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1440هـ |
| 14 محرم الحرام 1198 هـ | يومِ وصال حضرت سيد شاهه حمزه مارهروي رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ 1439هـ |
| 14 محرم الحرام 1402 هـ | يومِ وصال شهزادهءِ اعليٰ حضرت، مفتيءِ اعظم هند، مفتي محمد مصطفيٰ رضا خان رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439، 1444 هـ ۽ ”جهانِ مفتيءِ اعظم هند“ |
| 18 محرم الحرام 1427 هـ | يومِ وصال حضرت مرحوم رڪنِ شوريٰ حافظ مفتي محمد فاروق عطاري رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439، 1441 هـ ۽ ” مفتيءِ دعوتِ اسلامي“ |
| 19 محرم الحرام 853 هـ | يومِ وصال عارفِ رباني حضرت سيد احمد جيلاني رحمۃ اللہ علیہ | ماهوار فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1439هـ |
| 25 محرم الحرام 1419 هـ | يومِ وصال حضرت مولانا محمد عبدالسلام قادري رضوي رحمۃ اللہ علیہ | ”فيضانِ مولانا عبدالسلام قادري“ |
| محرم الحرام 14 / 15 هـ | ”جنگِ قادسيہ“ جنهن ۾ تقريباً **10 هزار** کان وڌيڪ مسلمانن لڳ ڀڳ **1 لک 20 هزار** ڪافرن کي شڪست ڏني | ”فيضانِ فاروقِ اعظم“ 2/668 کان 676 |

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

”ماهوار فيضانِ مدينہ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين سان بہ شيئر ڪريو“

## غربت دور ٿئي

يَابَاسِطُ — اي فراخي ڪرڻ وارا

يَارَزَّاقُ — اي روزي ڏيڻ وارا

هر نماز کان پوءِ 700 پيرا (اول آخر هڪ دفعو درود پاڪ) پڙهڻ سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ غربت ختم ٿيندي آهي.

الله ڪريم غيرن جي محتاجي کان بچائيندو آهي ۽ ضرورتون پوريون فرمائيندو آهي. (هميشه 5 ئي نمازن کان پوءِ پڙهندا رهو ته بهتر آهي)

امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري

رمضان ڪريم 1446ھ 2025-3-16



## اولادِ نرينه/ روزيءَ ۾ برڪت لاءِ

يَااَوَّلُ 40 پيرا

پڙهي پاڻي يا ماکي مليل پاڻي تي دَم ڪري اڌ پاڻ پيئي ۽ اڌ زوجه کي پياري.

ان شَآءَ الله الڪريم پُٽ پيدا ٿيندو ۽ رزق ۾ به برڪت ٿيندي.

**نوٽ:** (هي عمل 40 ڏينهن مسلسل ڪرڻو آهي)

امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري

7 رمضان ڪريم 1446ھ 2025-3-8







## شاديءَ جي لاءِ غيبي اسباب پيدا ٿين

يَاوَهَّابُ 300 پيرا

( اول آخر 11 دفعا درودِ ابراهيمي )

روزانو رات جو سمهڻ کان پهريان پڙهو

جيسيتائين شادي نه ٿي ٿئي تيسيتائين روزانو پڙهڻو آهي)

امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري

رمضان ڪريم 1446ھ 2026-3-7

## جڏهن ڪا شيءِ غمگين ڪندي هئي ته

الله پاڪ جا سيني کان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيءَ دعا پڙهندا هئا:

يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ بِرَحْمَتِكَ اَسْتَغِيْثُ

(يعني اي هميشه زنده رهڻ وارا، اي هميشه قائم رهڻ وارا، مان تنهنجي رحمت کان مدد جو طلبگار آهيان).

(ترمذي، 311/5، حديث: 3535)

رنج ۽ غم دور ڪرڻ لاءِ فجر جي سنت ۽ فرض جي وچ ۾ 40 پيرا پڙهڻ مفيد آهي ۽ مقروض روزانو ڪجهڙي به وقت ڏينهن ۾ 100 پيرا پڙهندو ته قرض کان نجات حاصل ڪندو. ان شآءَ الله الڪريم .

امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري

رمضان ڪريم 1446ھ 2025-3-29

# عظيم انسان جون عظيم خوبيون

حضرت عمر رضی اللہ عنہ جو کوڙ خوبيون آهن. حضرت عمر رضی اللہ عنہ جي اچڻ سان اسلامي تاريخ جو هڪ نئون باب کلي پيو ۽ ڪعبة الله جو در کليو جيڪو قيامت تائين بند نہ ٿيندو ۽ ڪعبي ۾ نماز پڙهڻ حضرت عمر رضی اللہ عنہ جي اسلام آڻڻ سان شروع ٿي. الله پاڪ ان عظيم انسان ۾ هڪ ئي وقت ڪيتريون ئي خوبيون رکيون هيون. اهو ساڳي وقت امير بہ هو تہ فقيه بہ. سراپا جلال بہ هو تہ پيڪر جمال بہ هو. عالم بہ هو تہ عامل بہ هو. راتين جو جاڳي عبادت ڪندڙ بہ هو تہ ميدانِ جهاد ۾ سپه سالار بہ، حق پرست بہ هو تہ باطل شڪن بہ، ائين ڪٿي چئجي تہ هر فن مولا هو.

حضرت عمر رضی اللہ عنہ توحيد جي باري ۾ اهڙو تہ پُختي ذهن وارو هو جو هڪ ڀيري ڪعبي جو طواف ڪندي، حجر اسود کي مخاطب ٿي فرمايو تہ اي حجر اسود آئون سمجهان ٿو تہ تون بهشت مان آندل محض پٿر آهين. تون ڪنهن بہ قسم جو نقصان يا نفعي جو مالڪ ناهين. آئون توکي ان ڪري چمان ٿو تہ توکي منهنجي آقا محبوب صلی اللہ علیہ وسلم جن چميو آهي. ور نہ تہ پٿر آهين. واه عمر سائين تنهنجي توحيد، هاءِ عمر رضی اللہ عنہ تنهنجو عشق ۽ اتباع رسول صلی اللہ علیہ وسلم صلح حديبيہ جي وقت هي افواه پکڙي تہ حضور صلی اللہ علیہ وسلم جو مڪي جي ڪافرن سان ڳالهين لاءِ موڪليل قاصد حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ کي ڪافرن شهيد ڪري ڇڏيو آهي، تہ حضور صلی اللہ علیہ وسلم جن هڪ وڻ جي هيٺان ويهي پنهنجي هڪ هٿ کي حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ هٿ قرار ڏيئي، وعدو ورتو هو تہ جيستائين حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ جي شهادت جو بدلو نہ وٺنداسون. تيسين واپس نہ ويندا سون. مگر بعد از تحقيق معلوم ٿيو تہ اها افواه ڪوڙي هئي. ضرت ابو بڪر صديق رضی اللہ عنہ جي انتقال جو وقت جڏهن ويجهو آيو تہ پاڻ گهر جي دري مان ماڻهن کي خطاب فرمايو ۽ خلافت جي باري ۾ چيائون. مون هڪ عهد ڪيو آهي. ڇا توهان ان تي راضي ٿيندا؟ ماڻهن چيو اي خليفہ رسول صلی اللہ علیہ وسلم اسان راضي آهيون. ان تي حضرت علي المرتضيٰ رضہ چوڻ لڳو تہ عمر بن خطاب کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ شخص تي اسان هرگز راضي نہ ٿينداسون. (اسد الغابه ج 4 ص7). انهي موقعي تي بہ حضرت علي رضی اللہ عنہ جيڪڏهن پنهنجو حق سمجهي ها تہ ضرور ڪجهہ چئي ها. پر پاڻ ڪليل لفظن ۾ حضرت عمر فاروق جي خلافت کي تسليم ڪيائون. پر ايتري قدر چيائون تہ عمر بن خطاب کي اگر امير نہ بنايو ويو تہ ٻيو ڪو بہ امير اسان کي قبول نہ آهي نہ ئي ان کي تسليم ڪيو ويندو. حضرت علي رضی اللہ عنہ جي دل ۾ خلافت جي مسئلي تي ڪو غم و غصو هجي ها تہ هو پنهنجي نياڻي بي بي اُم ڪلثوم حضرت عمر رضی اللہ عنہ جن جي نڪاح ۾ نہ ڏين ها.

**اياز عطاري مدني......**

فيضانِ مدينہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
978-969-722-926-0
01130345